هفتيوار رسالو

”قُوْتُ القُلُوب“ مان 57 مدني گُل

(قسط:1)



- صوفي ڪير؟
- مريد لاءِ ست ضروري ڳالهيون
- جنتي ٻڌائڻ وارو عمل
- جماعت فوت ٿيڻ جو سبب

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَاءَ اللهُ الْكَرِيْم جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: ”قُوْتُ القُلُوب مان 57 مدني گُل (قسط: 1)“

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

پهريون دفعو : محرم 1447هہ جولاءِ 2025 ع

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

”قُوْتُ القُلُوب“ مان 57 مدني گُلَ قسط: 1

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

”قُوْتُ القُلُوب“ مان 57 مدني گُلَ قسط: 1 [1]

دعاءِ عطار: يا ربِ كريم! جيڪو بہ هي مڪمل رسالو ”قُوَتُ القُلُوب مان 75 مدني گُلَ (قسط: 1)“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي پنهنجي عبادت ڪرڻ جو جذبو عطا فرماءِ ۽ ان کي ماءُ، پيءُ ۽ خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

درود شريف فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن مون تي ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، اهو ايستائين نہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجو ٺڪاڻو نہ ڏسي وٺي.“ (الترغيب والترهيب: 328/2، حديث: 22)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

علم نور آهي

﴿1﴾ علم هڪ نور آهي جنهن کي الله ٻانهي جي دل ۾ داخل ڪري ڇڏيندو آهي. علم تنهائي ۾ غمخوار آهي ۽ ملائڪ علم وارن جي دوستي کي پسند ڪندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي پَرَن سان ڇُهندا آهن علم امام آهي ۽ عمل ان جو تابع آهي. (قوت القلوب (اردو): 10/1، 11 ملتقطاً)

﴿2﴾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: علم جو درس ڏيڻ تسبيح آهي ۽ ان جي اَهليت رکڻ وارن تائين ان

[1] ... هي رسالو المدينة العلميه جي ڪتاب ” قوت القلوب “ (اردو) مان تيار ڪيو ويو آهي.

ڪي پهچائڻ الله جو قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي.

(جامع بيان العلم وفضله، ص: 77، حديث: 240) (قوت القلوب (اردو): 10/1 ملتقطاً)

﴿3﴾ باطني علمن تي عمل ڪيئن ڪجي؟

باطني علوم اهي (عاجزي، اخلاص ۽ توڪل وغيره ۽ تڪبر، رياڪاري ۽ حسد وغيره) آهن جن تي باطني جسماني عضون يعني قلب(دل) سان عمل ٿيندو آهي. (قوت القلوب (اردو): 13/1)

تصوف جي تعريف ۽ صُوفي ڪير آهن؟

﴿4﴾ حضرت رُوَيم بن احمد رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: تصوف هي آهي ته پانهو پنهنجي نفس کي پنهنجي رب جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏي ته اُهو جيڪو چاهي ان ڪان ڪم وٺي. (قوت القلوب (اردو)، ص: 19)

﴿5﴾ حضرت ابو الحسن قَنَّاد رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: صوفي اهو هوندو آهي جيڪو الله پاڪ جي حقن جي ادائيگيءَ جي لاءِ هر وقت تيار هوندو آهي. (قوت القلوب (اردو)، 19/1)

﴿6﴾ تصوف جو بنياد

تصوف ۾ ٻه ڳالهيون بنيادي حيثيت رکن ٿيون: تَزڪِيهءِ نفس (يعني نفس جي اصلاح) ۽ اِحسان. تَزڪِيهءِ نفس جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ بعثتِ نبوي جي مقصد ۾ بار بار آيو آهي ۽ احسان جو ذڪر حديث پاڪ ۾ ملي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو حديثِ جبرائيل کي تصوف جو اصل سمجهيو ويندو آهي.

مَا الۡاِحۡسَانُ؟ جي جواب ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اصلاح باطِن جي حوالي سان ڪجھ هن طرح ارشاد فرمايو آهي: الله جي عبادت ائين ڪريو ڄڻ توهان الله پاڪ کي ڏسي رهيا آهيو ۽ جيڪڏهن ان مقام کي نه ماٺي سگهو ته هي يقين رکو ته الله پاڪ توهان کي ضرور ڏسي رهيو آهي.

(قوت القلوب (اردو)، 20/1، 21 ملتقطاً)

﴿7﴾ غربت (يعني وطن کان دُورِي) ۾ گُدڙِي

حضرت يَحيٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت آهي تہ انھن پنھنجي وطن ۾ بہ مسافرن وانگر زندگي بسر ڪئي ۽ خاندان ۾ رهندي بہ پنھنجن کان بي پرواھ رهيا. گُدڙي (صُوف جو لباس) حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت آهي، جن سڀ کان پھريان پَشميني (يعني اُوني) لباس زيبِ تن فرمايو.

(قوت القلوب (اردو)، 22/1)

﴿8﴾ حضرت ابوطُفيل رَضِيَ اللهُ عَنْهُ (وفات 100 ھ) جو وِصال مڪہء مڪرمہ ۾ سيني کان آخر ۾ ٿيو، جڏھن ھڪ صدي ھجري مڪمل ٿي تہ زمين تي ڪا اھڙي اڪ موجود نہ رهي جنھن حُسنِ اخلاق جي پيڪر محبوبِ رَبّ اڪبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي هجي.

(قوت القلوب (اردو)، 24/1) (تاريخ ابن عساڪر، 118/26)

﴿9﴾ شيخ ابوطالب مڪي، اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ عليهما جي نظر ۾

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ، جلد 22، ص: 557 تي فرمائن ٿا: شيخ ابوطالب مڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام گھڻي علم سان مالامال آهن، حال ۾ صاحبِ ڪمال آهن ۽ اَسلاف جي حالتن ڪي چڱي ريت ڄاڻيندا آهن ۽ تقويٰ ۽ وَرع (پرھيزگاري، خوفِ خدا) ۾ انھن جو ھڪ خاص مقام آهي ۽ سنن معاملن ۾ گھري سوچ ۽ فڪرِ ڪاملِ رکندا آهن. (قوت القلوب (اردو)، 31/1)

﴿10﴾ رضاءِ الٰهي جي تعريف ۽ ان جو حاصل ٿيڻ

رِضا اللہ پاڪ جي حڪمن جي نِفاذ تي دل جي مُطمئن رهڻ جو نالو آهي ۽ دل جو سڪون ۽ اطمينان اختياري عمل نہ آهي پر وَھْبي ۽ عَطائي (يعني اللہ پاڪ جي طرفان عطا ٿيڻ وارو) آهي. اللہ پاڪ جنھن کي چاھيندو آهي عطا فرمائيندو آهي. (قوت القلوب (اردو)، 33/1)

﴿11﴾ 40 سالن تائين حڪمت جا موتي گڏ ڪندا رهيا

حضرت سيّدنا حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 40 سالن تائين پنهنجي سيني ۾ حڪمت جا موتي گڏ ڪندا رهيا، پوءِ زبان سان انهن جو اظهار ڪيائون.

(قوت القلوب (اردو)، 38/1)

﴿12﴾ عالِم پنهنجي خَلوَت (يعني تنهائي) کي عزيز سمجهندو آهي پر جيڪڏهن ڪيس خاص ساٿي ميسر هجن ته پوءِ انهن جي صحبت کي خَلوت تي تَرجِيح ڏيندو آهي. (قوت القلوب (اردو)، 40/1)

﴿13﴾ اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: "توهان مان ڪو به پنهنجي پاءُ کي ان جي جاءِ تان اُٿاري پاڻ ان جاءِ تي نه ويهي پر وُسعت ۽ ڪُشادَگِي اختيار ڪندا ڪريو.

(قوت القلوب (اردو)، 45/1) (مسلم، ص: 923، حديث: 5684)

﴿14﴾ نمازِ جمعه جي تياري

ڪجهه بزرگ نمازِ جمعه جي لاءِ جمعي جي رات جامع مسجد ۾ گذاريندا هئا ۽ ڪجهه بزرگ چنچر جي رات به جامع مسجد ۾ بسر ڪندا هئا ته جيئن جمعي جون اجان وڌيڪ برڪتون نصيب ٿين جڏهن ته عوامُ الناس پنهنجي پاڙي جي مسجدن ۾ نمازِ فجر ادا ڪندا هئا ۽ پوءِ جامع مسجد جو رخ ڪندا هئا. منقول آهي ته اسلام ۾ سڀ کان پهرين بِدعت اها پيدا ٿي ته جامع مسجد ۾ جلدي وڃڻ تَرڪ ڪيو ويو. (قوت القلوب (اردو)، 45/1، 46 ملتقطاً)

﴿15﴾ هر گهڙي هجي منهنجي زبان تي "اللّٰه اللّٰه"

حضرت شيخ ابوطالب مڪي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي زندگي جو هڪ هڪ لمحو يادِ الٰهي ۾ بسر ٿيندو هو، يعني اُهي يادِ الٰهي کان غفلت ۾ ڪنيل ساهَ کي ساهُ ئي شمار نه ڪندا هئا. (قوت القلوب (اردو)، 46/1 ملتقطاً)

﴿16﴾ پنهنجي وقت جي بهترين تقسيم ڪاري

وقت ڪيترو بہ مختصر چو نہ هجي، تن ڳالهين کان خالي نہ هجي. **(1)** ان وقت ۾ ان تي الله پاڪ جو ڪو فرض لازم هوندو جنهن جون بہ صورتون آهن: اهو اَمر اهڙو هوندو جنهن جي بجا آڻڻ يا ڇڏي ڏيڻ جو ان کي حڪم ڏنو ويو هوندو. **(2)** اهو وقت ڪنهن مُستحَب ڪم ڪرڻ ۾ گذارجي **(3)** ان وقت ۾ ڪو اهڙو مُباح (جائز) ڪم سر انجام ڏجي جنهن ۾ جسم ۽ دل ٻنهي جو فائدو هجي، مومن جي لاءِ انهن مذڪوره وقتن کانسواءِ ٻيو ڪو چوٿون وقت نہ آهي، جيڪڏهن هُن ڪو چوٿون وقت ڪڍيو تہ اهو الله پاڪ جي حدن کان تَجَاوُز ڪرڻ وارو (يعني حدن کي اورانگهڻ) شمار ٿيندو ۽ جيڪو الله پاڪ جي حدن کي اورانگهيندو آهي اهو پنهنجي ئي نفس تي ظلم ڪرڻ وارو آهي. (قوت القلوب (اردو)، 1/47 ملتقطاً)

﴿17﴾ مريد جي لاءِ 7 ضروري ڳالهيون

(1) ارادي ۾ سچو هجڻ: ان جي علامت آهي آخرت جي لاءِ زادِ راهہ (سامان) جو تيار هجڻ. **(2)** طاعت (نيڪي) جا سبب اختيار ڪرڻ: ان جي علامت آهي بُرن دوستن کي ڇڏي ڏيڻ **(3)** حالِ نفس جي مَعرِفت (سڃاڻپ) رکڻ: ان جي علامت آهي نفس جي مڪارين کان آگاهہ هجڻ **(4)** عالِم رَبَّانِي (فقيهہ عالم) جي مجلس ۾ ويهڻ: ان جي علامت آهي عالمِ رباني کي ٻين تي ترجيح ڏيڻ **(5)** توبة النَصُوح (يعني اهڙي توبهہ جنهن کان پوءِ گناهہ جو اِرتڪاب نہ ٿئي) جو هجڻ تہ جيئن ان جي سبب عبادت جي لذت ماڻي ۽ هميشہ ثابت قدم رهي. توبهہ جي علامت آهي نفس جي خواهشن کي ختم ڪرڻ ۽ نفس کي ان جي مرغوب (يعني پسنديده) شين کان پري رکڻ **(6)** اهڙيون حلال شيون کائڻ جيڪي مَذموم (ناپسنديده) نہ هجن **(7)** نيڪ ڪم ۾ مدد ڪرڻ واري ڪنهن دوست جو هجڻ. سني

دوست جي علامت آهي، ان جو نيڪي ۽ تقويٰ جي ڪمن ۾ تعاون ڪرڻ ۽ گناهہ ۽ سرڪشي ڪان منع ڪرڻ (قوت القلوب (اردو)، 49/1 ملتقطاً)

﴿18﴾ ”کَشْفُ الظُّنُون“ ۾ آهي، اسلام ۾ طرِيقت جي باريڪين متعلق ”قُوت القلوب“ جهڙو ٻيو ڪو ڪتاب نہ لکيو ويو آهي.

(قوت القلوب (اردو)، 54/1)

﴿19﴾ جلدي ۽ ويسر جو واسطو ۽ سبب ”شيطان“ آهي ۽ ٻيو اهو تہ ٻانهي تي ان وقت توفيق جي ڪمي هوندي آهي. (قوت القلوب (اردو)، 59/1)

﴿20﴾ جنهن کي ڪتاب ۽ سنت مان ڪا فضيلت معلوم ٿئي ۽ اهو ان تي ثواب جي نيت سان عمل ڪري تہ الله پاڪ ان کي ان تي عمل جو ثواب عطا فرمائيندو آهي توڙي جو ان جو عمل اهڙو نہ هجي جهڙو چيو ويو هو. (قوت القلوب (اردو)، 61/1) (جمع الجوامع، 124/7، حديث: 21590)

﴿21﴾ انسان کي گهرجي تہ هُو نمازِ فجر ڪان پوءِ ڏينهن جي ڪمن جي باري ۾ سوچي تہ ڪهڙا فرض ۽ نيڪ ڪم (يعني مُستَحَبات) ڪرڻا آهن ۽ اهو بہ سوچي تہ الله پاڪ پنهنجي رحمت ۽ ڪَرَم سان ان جي گناهن کي ماڻهن ڪان لڪائي رکيو آهي. جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ها تہ عيب ظاهر ٿي وڃن ها. (قوت القلوب (اردو)، 131/1)

﴿22﴾ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم طلوعِ فجر ڪان وٺي طلوعِ آفتاب تائين خير ۽ ڀلائي ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪلام ڪرڻ کي ناپسنديده سمجهندا هئا.

(قوت القلوب (اردو)، 135/1)

﴿23﴾ افضل علم ۽ افضل عمل

مَروِي آهي تہ ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو انهن ۾ افضل ترين علم خاموشي ۽ افضل ترين عمل (گناهن ڪان بچڻ خاطر) ننڊ هوندو. ڪاش! ٻانهو حالتِ بيداري ۾ بہ سُتل جيان ٿي وڃي چو تہ ننڊ ۾ ٻانهو گناهن ڪان

محفوظ رهندو آهي جڏهن ته حالتِ بيداري ۾ مَعاصي (يعني گناهن) کان محفوظ رهڻ هڪ مُشڪِل اَمر (يعني معاملو) آهي. (قوت القلوب (اردو)، 144/1 ملتقطاً)

﴿24﴾ حضرت سيّدنا سُفيان ثورِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ انهن ماڻهن کي پسند فرمائيندو آهي جيڪي فارغ هجن ته سلامتي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سمهي پَون. (قوت القلوب (اردو)، 144/1 ملتقطاً)

﴿25﴾ ڏينهن ۾ به پيرا سمهڻ ايئن ئي ناپسنديده آهي جيئن شب بيداري (يعني رات ۾ عبادت) نه ڪرڻ واري جي لاءِ ڏينهن جو سمهڻ ناپسنديده آهي. (قوت القلوب (اردو)، 147/1)

﴿26﴾ اَٺَ ڪلاڪ ننڊ ڪرڻ مستحب آهي

ظهر کان پوءِ واري ننڊ اچڻ واري رات جي لاءِ آهي ۽ ظهر کان پهريان واري ننڊ گذريل رات جي لاءِ هئي. مستحب هي آهي ته ڏينهن ۽ رات ۾ اَٺن ڪلاڪن کان وڌيڪ نه سُمهجي. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ڏينهن ۽ رات ۾ ايترا ڪلاڪ آرام نه ڪيو ته ان سان جسم ڪمزور ٿي ويندو ڇوته ننڊ جسم جي غذا ۽ ان جي راحت آهي.

(قوت القلوب (اردو)، 148/1 ملتقطاً)

﴿27﴾ ظهر ۽ عصر جي وچ ۾ مسجد ۾ اعتڪاف ڪرڻ مستحب آهي.

(قوت القلوب (اردو)، 148/1)

﴿28﴾ هر ڪا شيءِ سجدي ۾

ظهر ۽ عصر جي وچ وارو وقت شام جي انهن وقتن مان هڪ آهي جنهن وقت هر شيءِ سجدو ڪندي آهي. اها ڪيڏي نه خراب ڳالهه آهي ته بي جان ۽ مُرده شيون ته پنهنجي پروردگار جي بارگاهه ۾ سجده ريز هجن ۽ ان جي ذڪر ۾ مشغول هجن پر جيئرو جاڳندو انسان پنهنجي پروردگار کان غافل

هجي. (قوت القلوب (اردو)، 150/1)

﴿29﴾ سيني نبين جي سرور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن جو اڄ گذريل ڏينهن کان بُرو هجي تہ اهو محروم آهي.

(قوت القلوب (اردو)، 155/1) (الفردوس بماثور الخطاب، 611/3، حديث: 910)

﴿30﴾ جيڪو الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي ۽ پوءِ سستي جي سبب ان کي ڇڏي ڏيندو آهي تہ الله پاڪ ان کان ناراض ٿي ويندو آهي.

(قوت القلوب (اردو)، 172/1) (الطبقات الشافعيہ، 298/6)

﴿31﴾ تَحِيَّةُ الْمَسْجِد جي قائم مقام

جيڪو شخص مسجد ۾ تَحِيَّةُ الْمَسْجِد ادا ڪرڻ ڪانسواءِ ويهي ان کي گهرجي تہ هي ڪلما چار ڀيرا پڙهي وٺي: ”سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ“ ڇوتہ هي ڪلما فضيلت ۾ ٻن رَڪعتن جي برابر آهن ۽ جيڪو مسجد ۾ بغير وضو جي داخل ٿئي يا مسجد جي پرسان گذري تہ اهو بہ هي ڪلما چار ڀيرا پڙهي وٺي. (قوت القلوب (اردو)، 174/1، 173)

﴿32﴾ بغير وضو مسجد ۾ داخل ٿيڻ

حضرت شيخ ابوطالِب مڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي ڪنهن جو بي وضو مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ ويهڻ ناپسند آهي. (قوت القلوب (اردو)، 174/1)

﴿33﴾ سج جي زوال جا سَتَ وقت

سج جا ست زوال آهن. انهن مان ٽي اهڙا آهن جن کي ڪوبہ انسان نہ ٿو ڄاڻي: پهرين زوال جو وقت الله پاڪ ڪانسواءِ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي. ٻيو زوال جو وقت صرف اهي ملائڪ ڄاڻن ٿا جيڪي سج جا نگهبان آهن. ٽيون زوال جو وقت زمين جا ملائڪ ڄاڻن ٿا. چوٿين زوال جي وقت کي نجومي، فلڪ جي پيمائش ۽ اَفلاڪ جي ترڪيب سان سڃاڻيندا آهن.

پنجون وقت رياضي دان ۽ تقويم جا ماهر اوزارن يا مشينن وغيره جي ذريعي ڄاڻي وٺندا آهن. ڇهين جو علم موذنن ۽ وقت جو خيال رکڻ وارن ماڻهن کي هوندو آهي ۽ ستون وقت سيئي ماڻهو سڃاڻيندا آهن ان وقت ۾ نماز پڙهي ويندي آهي. (قوت القلوب (اردو)، 178/1)

﴿34﴾ سج جي رفتار

سرڪارِ والا تَبار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيو: ڇا زوالِ شَمس جو وقت ٿي ويو آهي؟ عرض ڪيو ويو: نہ، ها. جنهن تي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو اِهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ عرض ڪيائين: منهنجو توهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رڳو "نہ، ها" چوڻ جي دوران سج فلڪ ۾ پنجاهہ هزار فرسخ جو فاصلو طئي ڪري ورتو هو.

(قوت القلوب (اردو)، 179/1) (ارشاد الساري، 218/2، تحت الحديث: 540)

﴿35﴾ رِضا، نيڪ ماڻهن جي لاءِ ۽ عَفوُ، گنهگارن جي لاءِ

الله پاڪ جي رضا نيڪو ڪارن جي لاءِ آهي ۽ ان جو عَفوُ ۽ ڪرم گنهگارن جي لاءِ آهي. (قوت القلوب (اردو)، 181/1) (شرح السنة للبغوي، 16/2)

﴿36﴾ جمعي جي ڏينهن جو فجر

جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن نمازِ فجر باجماعت ادا ڪري ۽ پوءِ مسجد ۾ ويهي الله پاڪ جو ذڪر ڪندو رهي ايسيتائين جو سج اُڀري وڃي تہ ان شخص جي لاءِ جنت الفردوس ۾ **70** اهڙا درجا هوندا جو هر ٻن درجن جي وچ ۾ هڪ تيز رفتار گهوڙي جي **70** سال ڊوڙڻ جي مقدار برابر مفاصلو هوندو. (قوت القلوب (اردو)، 186/1) (شعب الايمان، 60/3، حديث: 2870)

﴿37﴾ جهنمي، جنتي ٿي ويندو

سلطانِ بَحر و بَر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص سومر جي رات بہ رَڪعتون هن طرح پڙهي جو هر رَڪعت ۾ سورت فاتحہ

کان پوءِ سورت اخلاص، فَلَق ۽ ناس پندرهن پندرهن ڀيرا پڙهي، سلام ڦيرائڻ کان پوءِ آيتُ الکُرسي ۽ اِستِغفار بہ پندرهن پندرهن ڀيرا پڙهي تہ الله پاڪ ان کي جَنتين ۾ شامل ڪري ڇڏيندو آهي چاهي اهو جهنمين مان هجي ۽ ان جا سڀ ظاهري ۽ باطني گناهہ بخشيا ويندا آهن ۽ ان جي پڙهيل هڪ هڪ آيت جي بدلي ۾ هڪ حج ۽ هڪ عمري جو ثواب لکيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن هڪ سومر کان ٻئي سومر جي وچ ۾ ان جو موت واقع ٿي وڃي تہ اهو شهيد جي موت مرندو.

(قوت القلوب (اردو)، 189/1) (اتحاف السادة المتقين: 630/3)

﴿38﴾ مسلمانن جي ٻئي خليفي، حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو فرمان آهي تہ عقلمند ۽ داناءَ ماڻهو رات جي ابتدائي وقت ۾ ۽ تندرست ۽ طاقتور ماڻهو رات جي آخري حصي ۾ نمازِ وتر ادا ڪندا آهن.

(قوت القلوب (اردو)، 197/1) (اتحاف الخيرة المهرة، 146/3، حديث: 2406)

﴿38﴾ الله پاڪ جي مَحبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رات جي شروعات، وِچَ ۽ آخر (ٽنهي وقتن ۾) وتر ادا ڪيا.

(قوت القلوب (اردو)، 197/1، 198) (ابن ماجہ، 53/2، حديث: 1185)

﴿40﴾ صبح جي وقت بيت الخلا (استنجا خاني) وڃڻ طِبي لحاظ کان جسم لاءِ نهايت مفيد آهي ۽ طهارت لاءِ وڌيڪ بهتر آهي خاص طور تي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڏينهن جي وقت کاڌو کائيندا آهن.

(قوت القلوب (اردو)، 202/1)

﴿41﴾ ٻانهو جڏهن باوُضو ٿي ذڪر ڪندي مُشاهدي ۽ تفڪُر(يعني غور ۽ فڪر) ۾ مشغول ٿي سمهندو آهي تہ ان جو بسترو ئي ان جي مسجد (يعني محلِ عبادت) بڻجي ويندو آهي ۽ بيدار ٿيڻ تائين نمازي لکيو ويندو آهي. (قوت القلوب (اردو)، 213/1)

﴿42﴾ تهجد جي ابتداءِ ٻن مختصر رڪعتن سان ڪرڻ مستحب آهي ۽ نماز شروع ڪرڻ کان فارغ ٿيڻ تائين ڪجهہ بہ نہ کائجي پيئجي ڇو تہ

انسان جڏهن ننڊ مان بيدار ٿيندو آهي تہ ان جي دل هر قسم جي خواهشات کان خالي هوندي آهي، جڏهن هُو ڪجهہ کائيندو پيئندو تہ سندس ڪيفيت تبديل ٿي ويندي. (قوت القلوب (اردو)، 216/1)

﴾43﴿ تهجد جون فضيلتون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نماز (يعني تهجد) ضرور ادا ڪندا ڪريو! چو تہ اِها رب جي رضا جو باعث آهي، اِها توهان جي گناهن کي مٽائڻ واري آهي، توهان کان پهريان نيڪ ٻانهن جو اهڙو ئي طرزِ عمل رهيو آهي. هيءَ گناهن کي پري ڪرڻ واري، وزن هلڪو ڪرڻ واري ۽ جسم مان بيمارين کي پڃائڻ واري آهي.“

(قوت القلوب (اردو)، 219/1) (ترمذي، 322/5، حديث: 3560)

﴾44﴿ جنت وارا ڪم

حضرتِ علي بن بَڪار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو قول آهي تہ **40** سالن تائين سواءِ طلوعِ فجر جي مون کي ٻي ڪنهن بہ شيءِ غم ۾ مبتلا نہ ڪيو. ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ دنيا ۾ رات جي وقت قيام ڪرڻ، حبيب (دوست) سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ شهہ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهي ذات کان مُناجات ڪرڻ، دنيا جا عمل نہ آهن پر اِهي جنت وارا ڪم آهن. جن کي الله پاڪ دنيا ۾ پنهنجي خاص ٻانهن جي لاءِ ظاهر فرمايو آهي، وڌيڪ هي تہ انهن نيڪ ٻانهن کانسواءِ انهن عملن جي معرفت ٻئي ڪنهن کي بہ نہ آهي ۽ نہ ئي اُهي عمل بجا آڻڻ سان انهن کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي دل کي راحت ملندي آهي. (قوت القلوب (اردو)، 222/1، 223 ملتقطاً)

﴾**45**﴿ حضرتِ عُتبہ غلام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان **20** سالن تائين راتين جو مشقت ڪندو رهيس ۽ هاڻي **20** سالن کان ان جي نعمتن مان لطف اندوز ٿي رهيو آهيان. (يعني **20** سال تڪليف سان عبادت ڪندا رهيا ۽ پوءِ عبادت ۾ سندن اهڙي تہ دل لڳي وئي جو عبادت مان ڪين سڪون

۾ لذت حاصل ٿيندي آهي) (قوت القلوب (اردو)، 223/1)

﴿46﴾ سُٺي آواز سان تلاوت ڪرڻ

نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: ”اللّٰه پاڪ ڪنهن به شيءِ جو حڪم (ائين) نه ڏنو آهي جيئن قرآن پاڪ کي سٺي آواز سان پڙهڻ جو ڏنو آهي.“ (قوت القلوب (اردو)، 226/1) (بخاري، 592/4، حديث: 7544)

﴿47﴾ گهر ۾ وِهاڻو

حضرت وَهَب بن مُنَبِّہ يَماني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ چمڙي جو وهاڻو هو جڏهن انهن جي مٿان ننڊ غالب ٿيندي هئي ته ان وهاڻي تي پنهنجو سينو رکي ڇڏيندا هئا پوءِ ڪجهه ساهه کڻي، گهٻرائي اٿي پوندا هئا ۽ چوندا هئا ته منهنجي ويجهو پنهنجي گهر ۾ شيطان کي ڏسڻ کان بهتر هي آهي ته مان پنهنجي گهر ۾ وهاڻي کي ڏسان چوته وهاڻو ننڊ کي دعوت ڏيندو آهي.

(قوت القلوب (اردو)، 227/1)

(يعني بستري يا وهاڻي کي ڏسندو رهڻ ننڊ آڻيندو آهي تنهنڪري عام حالتن ۾ انهن ڏانهن نه ڏٺو وڃي ته ڪٿي عبادت کان غافل ڪري غفلت جي ننڊ نه سمهاري ڇڏين).

﴿48﴾ رات جو عبادت ۾ مدد ڪرڻ واريون شيون

راتين جو قيام ڪرڻ زادِ راهه کانسواءِ ممڪن نه آهي چوته هر سفر زادِ راهه سان ئي طئي ٿيندو آهي تنهنڪري راهِ سلوڪ جو به هڪ زادِ راهه آهي جيڪو ان راهه تي هلڻ چاهي ان کي گهرجي ته ڪجهه ذخيرو بطورِ زادِ راهه گڏ ڪري پاڻ سان کڻي. زادِ راهه اُهي شيون آهن. ڪاڌي کان معدو خالي هجي، پاڻي گهٽ پئجي، ڏينهن جي وقت قيلولہ ڪري ۽ دنيا جي معاملن ۾ مشغول ٿي پنهنجي جسم کي حد کان وڌيڪ نه ٿڪائي.

(قوت القلوب (اردو)، 229/1)

﴿49﴾ راتين جو عبادت ڪرڻ

هڪ روايت ۾ آهي ته الله پاڪ ارشاد فرمايو: "بيشڪ منهنجو حقيقي ٻانهو اهو آهي جيڪو قيام (عبادت) ڪرڻ جي لاءِ ڪُڪُڙ جي ٻانگ جو انتظار نه ڪندو آهي." هن روايت ۾ وقتِ سحر کان پهريان عبادت لاءِ اٿڻ مقصود آهي. (قوت القلوب (اردو)، 1/229)

﴿50﴾ رات جي آخري حصي ۾ سمهڻ

رات جي آخري حصي ۾ سمهڻ جي مستحب هجڻ جون **2** صورتون آهن:

(1) (رات جي آخري حصي ۾ سمهڻ) صبح جي وقت جي ننڊ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي جوته بزرگانِ دين صبح جي ننڊ کي نهايت ناپسند فرمائيندا هئا بلڪ ننڊ ڪرڻ واري کي نمازِ فجر کان پوءِ سمهڻ جو حڪم ڏيندا هئا.

(2): چهري جي ڦڪاڻ ٿوري گهٽ ٿي وڃي ڇو ته جيڪڏهن ٻانهو رات جو اڪثر حصو قيام ڪندي يعني عبادت ۾ گذاري ۽ سَحَر جي وقت سمهي پئي ته صبح جي وقت اڃڻ واري ننڊ کان به نجات ملي ويندي ۽ چهري جي زردي به گهٽ ٿي ويندي، پر جيڪڏهن هُو رات جو اڪثر حصو ستل رهي پوءِ سحري جي وقت بيدار ٿئي ته صبح جي وقت نه رڳو جُهوٽا کائيندو رهندو بلڪ چهري جي ڦڪاڻ به واضح نظر ايندي. تنهنڪري ٻانهي کي ان کان بچڻ گهرجي جوته اهو شهرت ۽ مَخفي شَهوت (يعني نيڪي ڪرڻ تي تعريف ٻڌڻ جي ذبيل خواهش) جو دروازو آهي. ان علاوه رات جي وقت ڀاڻي به تمام گهٽ پئجي جوته ان سان به چهري تي ڦڪاڻ ظاهر ٿيندي آهي، خاص ڪري رات جي آخري حصي ۾ ۽ ننڊ مان بيدار ٿيڻ کان بعد.

(قوت القلوب (اردو)، 230/1)

﴿51﴾ جماعت فوت ٿي وڃڻ جو سبب

حضرت ابو سُليمان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: نماز جي جماعت فوت ٿيڻ جو سبب ڪو نہ ڪو گناھ ھوندو آھي. حضرت ابنِ صافي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان تقريباً 30 سالن تائين جيل جو نگران رھيس رات جي وقت آواره گردي ڪندي جيڪو بہ پڪڙيو ويندو ھو ۽ جيل موڪليو ويندو ھو آئون ان ڪان پڇندو ھئس تہ ڇا تو عشاء جي نماز باجماعت پڙھي ھئي؟ تہ جواب ملندو ھو "نہ". (قوت القلوب (اردو)، 235/1)

﴿52﴾ بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم ڏينهن جي وقت نماز پڙھڻ ۾ رُڪوع ۽ سُجُود جي ڪثرت پسند ڪندا ھئا ۽ رات جي نماز ۾ طويل قيام ڪرڻ پسند ڪندا ھئا. (قوت القلوب (اردو)، 236/1)

﴿53﴾ ناناءِ حَسنين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بي بي فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا کي ارشاد فرمايو: ھن طرح دعا گھرنديون ڪريو: "يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ فَاَغِثْنِيْ وَلَا تَكِلْنِيْٓ اِلٰى نَفْسِيْ طَرْفَةَ عَيْنٍ وَّاَصْلِحْ لِيْ شَاْنِيْ كُلَّهٗ" **ترجمو:** اي زندھ! اي ٻين کي قائم رکڻ وارا! تنهنجي رحمت جي ڀروسي تي مان مدد گھري رھيو آھيان، تنهنڪري منهنجي مدد فرماءِ ۽ مون کي ھڪ لمحي جي لاءِ بہ منهنجي نفس جي حوالي نہ ڪرڻ فرماءِ پر منهنجي ھر معاملي جي اصلاح فرماءِ.
(قوت القلوب (اردو)، 95/1) (سنن الکبريٰ للنسائي، 147/6، حديث: 10405 بتقدم و تاخر)

سرڪارِ نامدار مديني جا تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صبح ۽ شام ھي دعا گھرندا ھئا ۽ ڪڏھن بہ ناغو نہ فرمائيندا ھئا: "اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ الْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ، وَاَسْئَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِيْ دِيْنِيْ وَدُنْيَايَ، وَفِيْٓ اَهْلِيْ وَمَالِيْ، اَللّٰهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَتِيْ وَاٰمِنْ رَوْعَاتِيْ، وَاَقِلْنِيْ عَثَرَاتِيْ، اَللّٰهُمَّ احْفَظْنِيْ مِنْ بَيْنِ يَدَيَّ وَمِنْ خَلْفِيْ وَعَنْ يَمِيْنِيْ وَعَنْ يَمِيْنِيْ وَعَنْ شِمَالِيْ وَمِنْ فَوْقِيْ۔"

ترجمو: اي الله پاڪ! مان توکان دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت جو طلبگار

آهيان ۽ پنهنجي دين ۽ دنيا ۽ مال ۽ اولاد ۾ عفو ۽ عافيت جو سوالي آهيان، اي الله پاڪ! منهنجي پرده پوشي فرماءِ، مون کي خوف کان نجات عطا فرماءِ ۽ منهنجي لغزشن کي معاف فرماءِ، اي الله پاڪ! منهنجي سامهون کان، پنيان کان، منهنجي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان ۽ مٿان کان منهنجي حفاظت فرماءِ. (قوت القلوب (اردو)، 98/1) (ابوداود، 414/4، حديث: 5074)

﴿55﴾ خوبصورت دعا

يَا غَوْثُ! يَا مُغِيْثُ! يَا مُسْتَغَاثُ! يَا غِيَاثَ الْمُسْتَغِيْثِيْنَ! لَا تَكِلْنِی اِلٰی نَفْسِی يَا رَبِّ! طَرْفَةَ عَيْنٍ فَاَهْلِكَ وَلَا تَكِلْنِیْٓ اِلَی الْخَلْقِ فَاَضِيْعَ، اِكْلَاْنِیْ كِلَاءَ ةَ الْوَلِيْدِ وَلَا تُخَلِّ عَنِّیْ وَتَوَلَّنِیْ بِمَا تَتَوَلّٰی بِهٖ عِبَادَكَ الصَّالِحِيْنَ. **ترجمو:** اي مددگار! اي فرياد ٻڌڻ وارا! اي اها ذات جنهن کان مدد طلب ڪئي ويندي آهي! اي فريادن جي فرياد ٻڌڻ وارا! اي منهنجا پَرْوَرْدگار! مون کي هڪ لمحي جي لاءِ به منهنجي نفس جي حوالي نه ڪرڻ فرمائجانءِ جو آئون هلاڪ ٿي وڃان ۽ نه ئي مون کي مخلوق جي حوالي ڪجانءِ جو آئون برباد ٿي وڃان، پر هڪ نئين ڄاول ٻار وانگر منهنجي حفاظت فرماءِ ۽ مون کي اڪيلو نه ڇڏ ۽ مون سان ائين محبت فرماءِ جيئن تون پنهنجي نيڪ ۽ صالح ٻانهن سان فرمائيندو آهين. (قوت القلوب (اردو)، 121/1)

﴿56﴾ بهترين دعا

”اَنَا عَبْدُكَ اِبْنُ عَبْدِكَ، نَاصِيَتِیْ بِيَدِكَ، جَارٍ فِیَّ حُكْمُكَ، نَافِذٌ فِیَّ قَضَآؤُكَ عَدْلٌ فِیْ مَشِيْـئَـتِكَ، اِنْ تُعَذِّبْ فَاَهْلُ ذٰلِكَ اَنَا، وَاِنْ تَرْحَمْ فَاَهْلُ ذٰلِكَ اَنْتَ فَافْعَلْ اَللّٰهُمَّ يَا مَوْلَایَ! يَآ اَللهُ! يَا رَبِّ! افْعَلْ بِیْ مَآ اَنْتَ لَهٗ اَهْلٌ وَّلَا تَفْعَلْ اَللّٰهُمَّ يَا رَبِّ! يَآ اَللهُ! بِیْ مَآ اَنَا لَهٗ اَهْلٌ فَاِنَّكَ اَهْلُ التَّقْوٰی وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ“ **ترجمو:** (اي الله پاڪ) مان تنهنجو ٻانهو آهيان، تنهنجي ٻانهي جو پٽ آهيان، منهنجي پيشاني تنهنجي دستِ قدرت ۾ آهي، منهنجي باري ۾ تنهنجو حڪم جاري آهي، مون تي تنهنجي قضا نافذ آهي تنهنجي مشيت ۾ عدل آهي، جيڪڏهن تون مون کي عذاب ڏين ته مان ان جو

اهل آهيان ۽ جيڪڏهن تون مون تي رحم فرمائين ته تون ان شان جي لائق آهين. تنهنڪري مون سان (پنهنجي شان جي لائق) سلوڪ فرماءِ. اي الله پاڪ! اي منهنجا مولا! اي الله پاڪ! اي منهنجا رب! مون سان اهڙو سلوڪ ڪرڻ فرماءِ جيڪو تنهنجي شان جي لائق آهي ۽ اي الله پاڪ! اي منهنجا رب! اي الله پاڪ! مون سان اهڙو سلوڪ نه ڪرڻ فرماءِ جنهن جو مان اهل آهيان، چو ته تون ئي تقويٰ ۽ مغفرت جو مالڪ آهين. اي اها ذات! جنهن جي رحمت کي گناهه نقصان نه پهچائيندا آهن ۽ نه ئي بخشش ۽ مغفرت ان کي ڪو نقصان پهچائينديون آهن، اي الله پاڪ! اي منهنجا رب! مون کي اهڙيون نعمتون عطا فرماءِ جيڪي تنهنجي رحمت کي منهنجي لاءِ نقصان جو سبب نه بڻائن ۽ اهڙيون برڪتون به عطا فرماءِ جيڪي تنهنجي رحمت کي منهنجي لاءِ گهٽ نه ڪن.

(قوت القلوب (اردو)، 123/1)

﴿57﴾ اسماءِ حُسنيٰ جي وسيلي سان دعا گهرڻ

جڏهن ڪو شخص الله پاڪ کان دعا گهري ته ان جي اسماءِ حسنيٰ جي معنيٰ جي وسيلي سان گهري چو ته اهي ان جون صفتون آهن ۽ هُو اهڙي طرح دعا گهرڻ کي پسند فرمائيندو آهي ۽ هُن انهن اسماءِ حسنيٰ کي ظاهر به انهيءَ لاءِ فرمايو آهي ته جيئن دعا گهرڻ وارو انهن جي وسيلي سان دعا گهري: مثال طور هيئن دعا گهري وڃي:


يَاجَبَّارُ! اُجْبُرْقَلْبِی،يَاغَفَّارُ! اِغْفِرْ ذَنْبِی،يَارَحْمٰنُ! اَصْلِحْنِیْ،يَارَحِيْمُ! اِرْحَمْنِیْ،يَاتَوَّابُ! تُبْ عَلَیَّ،يَا سَلَامُ! سَلِّمْنِیْ

(قوت القلوب (اردو)، ص: 253)

فهرست

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو







فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net